# وچڙندڙ بيماريون




## عبدالرحمٰن پيرزادو

Health by PIRZADO ©
Book No. 21
Title: Wichrandar Bimaryun
(Communicable Diseses)
Writer: Abdul Rehman Pirzado
Composer: Abdul Rehman Pirzado
Hyderabad
November 28, 2021
© Abdul Rehman Pirzado

# فهرست


ٻه اکر ........ 9
تعارف ........ 12
بي اثر دوائون ........ 15
روبيلا ........ 20
سبب ........ 20
ڦهلاءُ ........ 21
علامتون ........ 21
پيچيدگيون ........ 22
علاج ........ 24
بچاءُ ........ 25
حوالو ........ 25
ارڙي ........ 26
سبب ........ 26
ڦهلاءُ ........ 27
علامتون ........ 27
پيچيدگيون ........ 28
علاج ........ 29
بچاءُ ........ 30
ارڙي ۽ روبيلا ........ 31

حوالو ........................................................ 32
ڪرٿيو ........................................................ 33
سبب ........................................................ 33
ڦهلاءُ ........................................................ 34
علامتون ........................................................ 34
پيچيدگيون ........................................................ 36
تشخيص ........................................................ 37
علاج ........................................................ 38
بچاءُ ........................................................ 38
حوالو ........................................................ 39
تشنج ........................................................ 40
سبب ........................................................ 40
علامتون ........................................................ 40
پيچيدگيون ........................................................ 41
تشخيص ........................................................ 42
علاج ........................................................ 42
بچاءُ ........................................................ 42
حوالو ........................................................ 43
خناق ........................................................ 44
سبب ........................................................ 44
ڦهلاءُ ........................................................ 45

علاج.......................................................57
بچاءُ.......................................................57
حوالو.......................................................57
چڪنگونيا.......................................................58
سبب.......................................................58
ڦهلاءُ.......................................................58
علامتون.......................................................59
پيچيدگيون.......................................................59
علاج.......................................................60
بچاءُ.......................................................60
حوالو.......................................................61
ملي.......................................................62
سبب.......................................................62
ڦهلاءُ.......................................................62
علامتون.......................................................62
پيچيدگيون.......................................................63
علاج.......................................................63
بچاءُ.......................................................63
حوالو.......................................................63
ڊينگي بخار.......................................................64
سبب.......................................................64

ڦهلاءُ.................................................................64
علامتون .........................................................65
پيچيدگيون...................................................67
علاج.............................................................67
بچاءُ..............................................................68
حوالو.............................................................68
مليريا ...........................................................69
سبب ............................................................69
علامتون ........................................................70
پيچيدگيون...................................................70
علاج.............................................................70
بچاءُ..............................................................71
حوالو.............................................................71
مدي جو بخار ................................................72
سبب ............................................................72
ڦهلاءُ.............................................................72
علامتون ........................................................73
پيچيدگيون...................................................73
تشخيص.......................................................73
علاج.............................................................74
بچاءُ..............................................................74

**حوالو** ........................................................ 75
**ٻاراڻي عمر جا ٽڪا** ........................................ 76
**عورتن لاءِ ٽڪا** ................................................ 80

# ٻه اکر

عام حالتن ۾ مستند معالج جي چونڊ ڪرڻ لاءِ بالڪل ايئن ڪرڻ گھرجي جيئن گھر جو سودو سلف وٺڻ مهل ڪندا آهيون. سودو به انهي دڪان تان وٺبو آهي جنهن مان اميد هجي ته هو هڪ ته ملاوت نه ڪندو ۽ ڏوڪو نه ڪندو. ڪيلن جو درجن به هڪ ڪيلو ڪائي پوءِ ٿا وٺئون. گدرو هجي، پپيتو يا هنداڻو، اهي به چتي هٽائي پوءِ وٺندا آهيون ته پوءِ پنهنجو يا گھر ڀاتين جو علاج ڪرائڻ مهل ايڏي لاپرواهي ڇو؟

جيڪڏهن اسين چاهيون ٿا ته اسان جو گھر، ٻار، معاشرو ۽ اسين پاڻ مهلڪ بيمارين جهڙوڪ مدي جو بخار هيپٽائيٽس، ايڊز، سلھ ۽ مليريا وغيره کان بچئون ته اسان کي معالج جو انتخاب ڪرڻ وقت اها پڪ ڪرڻ گھرجي ته جنهن شخص کان اسان علاج ڪرايون ٿا اهو ان قابل به آهي يا نه

اهو معلوم ڪرڻ جو سڀ کان بهتر طريقو اهو آهي تہ جيئن اسان ڏسندا آهيون تہ هن شيءِ جي مدت ختم تہ نہ ٿي وئي آهي انهي ريت انهي شخص جو علاج ڪرڻ جو اجازتنامو مئو ٿر آهي يا نہ، ڪٿي سندس لائسنس جو مدو ختم ٿيل تہ ناهي.

پنهنجي معالج کان سندس علاج ڪرڻ واري لائسنس يا سرٽيفڪيٽ جي تقاضا ڪريو.

هر ڊاڪٽر جو پي ايم سي وٽ رجسٽرڊ هجڻ لازم آهي.

هر نرس، مدوائيف يا ايل ايچ وي جو پاڪستان نرسنگ ڪائونسل وٽ رجسٽرڊ هجڻ لازمي آهي.

انهن مان ڪابہ بيماري زندگي ۽ موت تائين پهچڻ ۾ اسان جي انهي لاپرواهيءَ واري روئيي جو عمل دخل آهي.

جيڪڏهن خاندان يا پنهنجي معالج جي معلومات هجي ۽ بهتر معالج جو انتخاب ڪجي تہ حالتون زندگيءَ ۽ موت واري حالت تائين ڪونہ پهچنديون. پنهنجو ۽ پنهنجي پيارن جو خيال رکڻ اسان جي بنيادي ذميواري آهي.

هن ڪتابچي ۾ مون سنڌ ۾ عام ڪجھ وچڙندڙ بيمارين بابت بنيادي معلومات قلمبند ڪئي آهي.

علاج صرف مستند معالج کان ڪرائيندا سين تہ بهتر زندگي گذاري سگھنداسين.

عبدالرحمٰن پيرزادو

# تعارف

نالو: عبدالرحمٰن پيرزادو

پيشو: ڊاڪٽر ـ پبلڪ هيلٿ اسپيشلسٽ

تعليم:

ايم بي بي ايس، MBBS

ڊي سي ايچ، DCH

ايم ايس پي ايچ MSPH

ادبي صنفون: شاعري، ڪهاڻي، ترجما، بلاگ

ڄم: ١٥ فبروري ١٩٦١

ڄم جو هنڌ: ڳوٺ حاجي لعل بخش شيخ لڳ ٻلهڙيجي، يونين ڪائونسل مهين جو دڙو، لاڙڪاڻو.

## ڇپيل ڪتاب:

نظم:

١ . سنڌوءَ ڪپ تي

٢ . وفا جا بندي ـ ترجما

٣ . ڌرتيءَ جي ڌوڙ

۴ . انتظاری ـ اردو

٥ . دل جا حال
٦ . پورائي
٧ . ڪبوتري
٨ . ڪڙڪبيتو
٩ . چيڪلو

نثر

١ . زندگيءَ سان واقفيت
٢ . ساٽياٽيءَ جا سور
٣ . گامونءَ جي ڳولها
٤ . ڳالهيون پيٽ ورن ۾
٥ . اوتاڪ
٦ . دلجاءِ
٧ . ڳالھ مان ڳالھ
٨ . ڳالھ جو ڳجھ
٩ . سوچ ۽ لوچ
١٠ . اڏورو پنڌ
١١ . هڪڙي ڳالھ چوان
١٢ . دل جون ڳالهيون
١٣ . ڳالهين جون ڳالهيون

١۴ . جهان جون ڳالهيون

١۵ . وبا جا ڏينهن

١۶ . خوراڪ ۽ صحت

١٧ . ڪورونا ۾ ڪورونا

١٨ . وچڙندڙ بيماريون

١٩ . هاريءَ جو پٽ . ڪهاڻيون

٢٠ . انڌي جي لٺ . ڪهاڻيون


https://www.facebook.com/groups/294882815022204/?ref=share_group_link

https://books.sindhsalamat.com/author/696

https://el.sindhculture.gov.pk/other-pdf-books

www.scribd.com

## بي اثر دوائون

سالن کا دوائون خاص ڪري اينٽبايوٽڪس جو اڻپورو، بي سبب ۽ غلط استعمال انهن جي بي اثر ٿيڻ جو سبب بڻبو رهيو آهي.

غلط استعمال مان مراد اهڙيون دوائون جيڪي ڪنهن خاص بيماريءَ جو علاج آهن، انهن جو بي سبب ۽ اڻپورو استعمال انهن دوائن کي ساڳيئن جيوڙي لاءِ پڻ بي اثر بڻائي ٿو جنهن کي microbial resistance چئبو آهي.

هلندڙ ڪووڊ ـ ١٩ جي عالمي وبا ۾ جنهن طريقي سان دوائن جو بي مقصد استعمال ڪيو ويو آهي، انهيءَ روش هڪ نئون عذاب پيدا ڪيو آهي.

صحت جي عالمي اداري WHO طرفان دوائن جي بي اثر ٿيڻ واري خدشي کي سامهون رکي هڪ تعليمي ۽ آگاهي مهم شروع ڪئي

وئي هئي جيئن عام کي اها خبر پئي تہ بنا کنهن مسند معالج جي لکت ۾ تجويز ڪرڻ جي دوائون استعمال ڪرڻ شخصي توڙي سماجي طور هڪ خطرناڪ رجحان آهي ۽ ساڳئين وقت صحت ڪارڪنن کي پڻ اها آگاهي ڏني پئي وڃي تہ دوائون صرف انهي مقصد لاءِ استعمال ڪرايو جنهن لاءِ اهي مقرر آهن. جڏهن بہ استعمال ڪيو تہ سائنسي بنيادن تي تجويز ڪيل مقدار ۾ تجويز ڪيل مدت لاءِ استعمال ڪيو ۽ ڪرايو جيئن بيماريون پيدا ڪندڙ جيوَ انهن خلاف پاڻ ۾ مدافعت پيدا نہ ڪري سگهن ۽ دوائون پراثر هجن.

هڪ ڪاتي موجب صرف انهن بي اثر ٿيندڙ دوائن سبب سن ٢٠٥٠ع تائين هڪ ڪروڙ فرد اجل جو شڪار ٿيندا. هن هلندڙ ڪووڊ ـ ١٩ جي عالمي وبا جهڙوڪر انهي عمل کي تيز ڪري ڇڏيو آهي.

اسرندڙ ملڪن ۾ پاڻ هرتو دوائون استعمال ڪرڻ ۽ هٽن تان دوائون خريد ڪري واپرائڻ جي رجحان پڻ ان عمل کي تيز ڪري ڇڏيو آهي.

جيڪڏهن پاڪستان تي نظر وجهئون ته مليريا، سلهه TB ۽ مدي جي بخار جو روايتي علاج هاڻي موثر ناهي رهيو. اسان وٽ مليريا کي ملٽي ڊرگ رسسزٽنٽ مليريا MDR Malaria، سلهه کي به TB-MDR ۽ مدي جي بخار کي وري XDR چيو وڃي ٿو. ان جو مطلب ته انهن بيمارين لاءِ هاڻي استعمال ٿيندڙ دوائون به جيڪڏهن ڪم ڇڏي ويون ته پوئتي ڪو سهارو ڪونهي.

هڪ پاسي ڪووڊ - ١٩ جهڙيون بيماريون جيڪي فرد جي مدافعتي نظام کي ڪمزور ڪن ٿيون، مٿان وري دوائن جو بي سبب استعمال يا ايئن چئجي ته غلط استعمال فوتگين جو سبب بڻجي ٿو جيئن ارڙيءَ

سميت وائرل بيماريل ۾ اسپرين، بروفين يا ٽردِ جنريشن سيفلواسپورين دوائون استعمال ڪرڻ سان موت جي شرح ۾ اضافو ٿئي ٿو.

بالڪل ساڳين ريت مليريا، جيئري جي سوزش، ايبولا ۽ ايڊز لاءِ موثر دوائون جڏهن ڪووڊ-١٩ جي مريضن تي بي سبب استعمال ڪيون پيون وڃن تہ ساڳين دوائن جو اصلوڪين بيمارين خلاف اثر پڻ شدت سان متاثر ٿئي ٿو.

وبا جي بندشن سبب دنيا جي اڪثر ملڪن اندر معمول جا بيمارين خلاف ٽڪا هڻڻ وارا پروگرام پڻ شديد متاثر ٿيا آهن ۽ ڪيترن ملڪن بشمول پاڪستان ۾ اهڙين بيمارين وري وڏي پئماني تي منهن ڪڍيو آهي جن تي ڪنهن حد تائين ضابطو اچي چڪو هيو.

پاڪستان، خاص ڪري سنڌ ۾ مدي جي بخار تي بي اثر ٿيندڙ دوائن جو مشاهدو ٿيو آهي.

ڏنو وڃي ته هيءَ ڪووڊ-١٩ جي عالمي وبا ته ڇڻ ختم ٿيڻ جو نالو ئي نٿي وٺي. مٿئون اسان جو دوائن ڏانهن رويو. هڪ ته اجايو سڄايو ابتيون سبتيون دوائون استعمال ڪنداسين ۽ وري انهن جي خوراڪ به تجويز ٿيل مقدار ۾ نه وٺنداسين. دوا جيڪڏهن پنج ڏينهن کائڻي هوندي ته اسان ٻئين ڏينهن بند ڪري ڇڏينداسين ڇو ته اسان کي فرحت محسوس ٿي ۽ اسان فيصلو ڪيو ته هاڻي دوا جي ضرورت ڪونهي.

# روبيلا

روبيلا جنهن کي 'جرمن ارڙي' ۽ 'ٽن ڏينهن واري ارڙي' به ڪوٺيو ويندو آهي. هڪ وچڙندڙ بيماري آهي جيڪا بيمارجي کنگهڻ يا ڇڪون ڏيڻ مهل ساهه جي وسيلي هڪ فرد کان ٻين ڏانهن منتقل ٿيندي آهي.
هيءَ بيماري ڳورهاري عورت پاران سندس ڪک ۾ پلجندڙ ٻار ڏي پڻ منتقل ٿيندي آهي جنهن کي 'پيدائشي روبيلا' چئبو آهي.

## سبب

روبيلا جي بيماري روبيلا وائرس جيڪو مٽوناوائريڊي matonaviridae خاندان family جي روبيوائرس rubivirus نک gene جو وائرس آهي. هي وائرس ساهه وسيلي جسم ۾ داخل ٿي نک واري حصي ۽ ڳلٽين ۾ وڌندو ويجهندو آهي.

## ڦهلاءُ

بيمار فرد جسم تي داڻا ظاهر ٿيڻ کان ست ڏينهن اڳ ۽ پوءِ بيماري ڦهلائڻ جو سبب بڻبو آهي.
٢٥ کان ٥٠ سيڪڙو روبيلا جي بيمارن ۾ داڻا به ڪونهن نڪرندا. رڳو ڪنگهه، زڪام، نچون اچڻ جهڙيون معمولي علامتون هونديون آهن پر اهي به بيماري ڦهلائڻ جو سبب بڻبا آهن.

## علامتون

ٻارن ۾ روبيلا جي عام نشاني جسم تي داڻا هوندا آهن. جيڪي منهن تان شروع ٿي جسم جي ٻين حصن ڏي پڻ ڦهلبا آهن ۽ ٽن ڏينهن ۾ ختم ٿي ويندا آهن.
ان کان علاوه ٻيون علامتون جيڪي داڻن ظاهر ٿيڻ جي هڪ کان پنج ڏينهن اڳ پڻ ٿي سگهن ٿا، انهن ۾:

- هلڪو بخار
- مٿي جو سور
- اکين جو ڳاڙهو ٿيڻ
- ڳلٽين جي سوج
- ڪنگهه
- زڪام
- چڪون

بالغ فردن ۾ هلڪو بخار، ڪنگهه، نچون ۽ داڻا ٿين ٿا.

## پيچيدگيون

عورتن ۾ جن کي روبيلا ٿئي، انهن مان ڪي ستر سيڪڙو سنڌن جي سور ۾ مبتلا ٿي سگهن ٿيون.

ٻارن ۽ بالغ مردن ۾ اهڙيون ڪي خاص پيچيدگيون ڪونهن ٿينديون سواءِ انهن جي جيڪي مڙني وائرس انفيڪشن ۾ ٿينديون آهن، جن ۾ دماغ جي سوزش سرفهرست آهي.

سپ کان وڏيڪ پيچيدگيون ڳورهاري عورت جي ڪک ۾ پلجندڙ ٻارن ۾ ڏنيون ويون آهن جن ۾ چڪي اچڻ miscarriage پڻ شامل آهي. انڪانسواءِ مئل ٻار ڄمڻ، ڄمڻ کان ترت پوءِ ٻار جي بي سبب فوتگي ۽ زنده ٻچي ويل ٻارن ۾ پيدائشي نقص تي سگهن ٿا:

- دل جون بيماريون
- اکين جون بيماريون
- پيدائشي طور ٻڌڻ جي سگهه نہ هجڻ
- جيئري جون بيماريون
- تِريءَ جون بيماريون
- پيدائشي گهٽ وزن وغيره



انهن سيني مان هڪ يا هڪ کان وڌيڪ پيچيدگيون هڪ ئي وقت ۾ ٿينديون ڏٺيون ويون آهن جن کي پيدائشي روبيلا روڳ congenital rubella syndrome چيو ويندو آهي.

## علاج

روبيلا جي بيماريءَ جو ڪو به علاج ڪونهي. مطلب اهڙي ڪا به خاص دوادرمل ڪونهي جنهن سان هن بيماريءَ جو علاج ڪري سگهجي.

روبيلا جون علامتون معمولي هونديون آهن، تنهن هوندي به بيمار جي سهائتا لاءِ ڪنهن مستند معالج سان رابطو ۽ مشورو ڪرڻ ضروري آهي جيئن بخار، زڪام، ٿڪ وغيره جو ڪو بلو ڪري سگهجي.

ڪڏهن به مريض کي 'اسپرو'، 'بروفين' يا 'سيفلواسپورن ـ اينٽيبايوٽڪ' نه ڏيڻ گهرجن.

## بچاءُ

روبيلا کان بچڻ جو واحد وسيلو ويڪسين آهي.
پاڪستان ۾ اها ويڪسين هن سال کان اي پي آءِ پروگرم تحت شامل ڪئي وئي آهي. اها ’MR‘ ويڪسين نون مهينن کان پندرهن سالن جي عمر جي ٻارن کي لڳائي پئي وڃي جيڪا بعد ۾ پڻ سرڪاري صحت مرڪزن تي موجود 'اي پي آءِ' سينٽرن تي بنا معاوضي جي ميسر هوندي.

**حوالو**: https://www.cdc.gov/rubella/index.html

# ارڙي

ارڙي هڪ وچڙندڙ ساهه بيماري آهي جنهن ۾ تيز بخار، جسم تي داڻا ۽ کنگهه زڪام ٿيندو آهي. ارڙيءَ جا داڻا بيماري جلسم ۾ داخل ٿيڻ جي چوڏهن ڏينهن کانپوءِ ظاهر ٿيندا آهن.




## سبب

ارڙيءَ جي بيماري ميزلس وائرس جيڪو پئراماڪسيوائريڊي psramyxiviridae خاندان family جي ماربيلي وائرس morbilliivirus نک gene جو وائرس آهي. هي وائرس ساهه وسيلي

جسم ۾ داخل ٿي نڪ واري حصي ۾ ڳنلين ۾ وڌندو ويجهندو آهي.

فطري طور هي وائرس صرف انسانن ۾ هوندو آهي.

## ڦهلاءُ

انتهائي وچڙندڙ مزاج جو هي وائرس هڪ بيمار سان رابطي وارن مان نون کان ڏهن فردن ڏي ڦهلبو آهي.

ڦهلاءَ جو وسيلو ساهه ذريعي هوا ۾ مهلڪ ڦڙڙا ۽ کنگهڻ يا نيچ ڏيڻ وقت نڪرندڙ ڦڙن ذريعي هڪ فرد کان ٻئي فرد ۾ ڦهلبو آهي.

هي وائرس هوا ۾ ٻن ڪلاڪن تائين ساڳاهي ويندو آهي.

## علامتون

- تيز بخار ـ 'باهه تپ'
- کنگهه

- زڪام
- نڇون
- جسم تي سنها داڻا

## پيچيدگيون

ارڙيءَ جي پيچيدگين ۾

- نمونيا
- ڪن جو سور
- دست
- دماغ جي سوزش

ڪجھ فردن ۾ اهي پيچيدگيون شديد ۽ موتمار ثابت ٿي سگھن ٿيون جھڙوڪر:

- ابھم ٻار
- پنجن سالن کان ننڍي ڄمار وارا ٻار
- ڳورهاريون عورتون
- اهي فرد جن کي رت جو ڪينسر هجي
- اهي فرد جن کي ايچ آءِ وي يا ايڊز جي بيماري هجي.

## علاج

ارڙيءَ جي بيماريءَ جو جو ڪو بہ علاج ڪونهي. اهڙي ڪا بہ خاص دوادرمل ڪونهي جنهن سان هن بيماريءَ جو علاج ڪري سگهي.

ارڙيءَ جون علامتون شديد هونديون آهن، انڪري بيمار جي سهائتا لاءِ ڪنهن مستند معالج سان رابطو ۽ مشورو ڪرڻ ضروري آهي جيئن بخار، زڪام، ساهہ جي تڪليف وغيره جو ڪو بلو ڪري سگهجي.

هر ٻار ڪي عمر جي لحاظ کان وٽامن اي ڏيڻ لازمي آهي.

- ڇهن مهينن کان ننڍي عمر وارن ٻارن کي IU50،000
- ڇهن کان يارهن مهينن جي ٻارن کي IU100،000
- ٻارهن مهينن ۽ ان کان وڏي عمر جي ٻارن کي IU 200،000

**ڪڏهن بہ مريض کي 'اسپرو'، 'بروفين' يا 'سيفلواسپورن ـ اينٽيبايوٽڪ' نہ ڏيڻ گهرجن.**

## بچاءُ

ارڙيءَ کان بچڻ جو واحد وسيلو ويڪسين آهي. پاڪستان ۾ اها ويڪسين 'ميزل' هي نالي سان سالن کان مروج آهي. هن سال سن ٢٠٢١ جی ١۵ نومبر کان اي پي آءِ پروگرم ۾ هڪ نئين ويڪسين شامل ڪئي وئي آهي. اها MR نالي واري ويڪسين ارڙي ۽ روبيلا کان بچاءُ جي قوت پيدا ڪندي جيڪا نون مهینن کان پندرهن سالن جی عمر جی ٻارن کي لڳائي پئي وڃي جيڪا بعد ۾ پڻ سرڪاري صحت مرڪزن تي موجود 'اي پي آءِ' سينٽرن تي بنا معاوضي جي ميسر هوندي.

## ارڙي ۽ روبيلا

اڄڪلھ ارڙي ۽ روبيلا جو ھر طرف چرچو آھي جو نئين ويڪسين اي پي آءِ پروگرم ۾ شامل ڪئي وئي آھي.




اھي ٻئي بيماريون بالڪل مختلف وائرس سبب پيدا ٿينديون آھن.

ارڙي شديد وچڙندڙ موتمار بيماري آھي جڏھن تہ روبيلا جا وري پيدائشي نقص خطرناڪ آھن.

ہ بالڪل الڳ الڳ وائرس ھوندي انھن جي ڦھلجڻ جو طريقو جھڙوڪر ھڪ جھڙو آھي.

- اهي ساهه وسيلي ڦهلبا آهن
- ٻنهي ۾ بخار ۽ جسم تي داڻا ٿيندا آهن.
- ٻئين صرف انسانن جون بيماريون آهن.
- ٻنهي کان بچاءَ لاءِ هڪ گڏيل ويڪسين 'ايم آر' لڳرائٽي آهي.
- ٻنهي جو ڪو علاج اڃ سوڌو دريافت ڪونہ ٿيو آهي.

## حوالو

https://www.cdc.gov/measles/hcp/index.html#treatment

# ڪرٿيو

ڪرٿيو، وڏي ڪنگهہ pertusis هڪ وچڙندڙ ساهہ جي سرشتي جي بيماري آهي جيڪا ٻارن ۾ موت جو سبب بڻجي ٿي.

هن بيماريءَ ۾ ڪنگهہ ايتري شديد ٿيندي آهي جو ڪنگهندي ساهہ کڻڻ بہ بند ٿي ويندو آهي ۽ جڏهن ڪنگهہ جو دورو پورو ٿيندو آهي تہ ٻار ساهہ ايئن کڻندو آهي جو هڪ مخصوص آواز پيدا ٿيندو آهي جنهن کي لوڪ ٻوليءَ ۾ 'ڪتي ڪُوڪَ' ۽ انگريزيءَ ۾ whoop چيو ويندو آهي.

## سبب

**هن بيماريءَ جو سبب هڪ جيوڙو آهي جنهن جو نالو آهي بورڊيٽيلا پرٽيوسس Bordetella Pertusis هي جيوڙا ساهہ جي سرشتي ۾ وڌندا ويجهندا آهن ۽ بيماريءَ جو سبب بڻبا آهن.**

## ڦهلاءُ

ڪرتيو انتهائي شديد وچڙندڙ بيماري آهي جيڪا ڪنگهڻ سان ساهه وسيلي هڪ فرد مان ٻين ڏانهن ڦهلبي آهي.

هڪ بيمار ڪنگهه ظاهر ٿيڻ کان ٻن هفتن يا چوڏهن ڏينهن تائين بيماري ڦهلائڻ جو سبب ٿئبو آهي. اهو مدو ترت علاج ڪرائي گهٽائي سگهجي ٿو.

## علامتون

جسم ۾ جيوڙن جي داخل ٿيڻ کان پنجن ڏينهن اندر بيماريءَ جون علامتون ظاهر ٿينديون آهن. جن ۾ شرعات معمولي زڪام جهڙين علامتن سان ٿيندي آهي.

ابهم ٻارن ۾ وري ساهه بيهڻ apnea جي علامت ظاهر ٿيندي آهي.

شروعاتي علامتون ستن کان چوڏهن ڏينهن تائين .

- نک وهڻ
- هلڪو بخار . ٻرو تپ
- معمولي کنگهه
- ساهه کڻڻ ۾ ڏکيائي

شروعات ۾ ڪرٿيو عام کنگهه زڪام وانگر، ظاهر ٿيندو آهي. ستن کان چوڏهن ڏينهن پوءِ جيئن بيماري وڌندي آهي تہ علامتون شدت وٺنديون آهن.

- جهٽڪا
- شديد کنگهه . کوڪ
- الٽي
- بي ساهي . ٿڪاوٽ

اهي الهڙ ۾ نوجوان جن ننڍي هوندي ويڪسين لڳرائي هوندي آهي، انهن ۾ علامتون معمولي ٿينديون آهن پر ان سبب اهي بيماري ڦهلائڻ جو ڪارڻ بڻبا آهن.

## پيچيدگيون

ٻارن ۽ نونهال ابهمن ۾ ـ

- نمونيا ـ هر چوٿين مريض ۾ نمونيا ٿيندي آهي.
- جهٽڪا ـ هڪ سيڪڙو مريضن کي کنگهڻ وقت دورا پوندا آهن.
- ساهه ۾ پوسٽ ـ apnea ـ اڌو اڌ مريضن کي ساهه پوساٽجڻ جي شڪايت ٿيندي آهي.
- دماغ جي سوزش ـ encephalitis ـ هر ٽن سئو مريضن مان هڪ کي دماغ جي سوزش ٿيندي آهي.
- موت ـ هر هڪ سئو مريضن مان هڪ موت جو شڪار ٿيندو آهي.

الهڙ ۽ نوجوانن ۾ ـ

- وزن گهٽجڻ ـ weight loss ـ هر ٽيون مريض وزن گهٽجڻ جي شڪايت ڪندو آهي.

- پيشاب وهي وڃڻ ۔ loss of bladder control ۔ هر ٽيون مريض کنگهڻ وقت پيشاب وهي وڃڻ جي شڪايت ڪندو آهي.
- پاسريون ڀڄي پوڻ ۔ rib fracture ۔ هر پنجويهن مريضن مان هڪ کي شديد کنگهه سبب کنگهڻ دوران پاسري ڀڄي پوڻ جي شڪايت هوندي آهي.

## تشخيص

صحت ڪارڪن هيٺين حالتن ۾ ڪرٽيو هجڻ جو شڪ ظاهر ڪندو آهي.

- علامتون هجڻ
- گهر ۾ ڪرٽيو جو مريض هجڻ
- اسڪول ۾ ڪرٽيو جو مريض هجڻ
- ليبارٽري تشخيص جي صورت ۾

## علاج

ڪرٽيو هڪ اهڙي بيماري آهي جنهن جو مڪمل علاج موجود آهي. شڪ جي حالت ۾ ڪنهن بہ ويجهي صحت مرڪز، صحت ڪارڪن يا مستند معالج سان مشورو ڪريو.

بهتر علاج عوام جي ملڪيتي [سرڪاري] اسپتال مان بنا ڪنهن معاوضي حاصل ڪرڻ گهرجي.

ياد رهي تہ پنجن سالن کان ننڍي ڄمار جي ٻارن کي ڪنهن بہ قسم جو ڪنگهہ جو شربت پيارڻ نقصانڪار آهي.

ڪڏهن بہ مريض کي 'اسپرو'، 'بروفين' يا 'سيفلواسپورن - اينٽيبايوٽڪ' نہ ڏيڻ گهرجن.

### بچاءُ

ڪرٽيو کان بچاءَ لاءِ پنهنجي ٻارن کي عوام جي ملڪيتي [سرڪاري] اسپتال مان بنا

**ڪنهن معاوضي** جي زندگيءَ جي پهرين ٻن سالن اندر بيمارين لاءِ ٻچڻ جا ٽڪا ضرور لڳرايو.

## حوالو

https://www.cdc.gov/pertussis/about/index.html

# تشنج

تشنج tetanus جي بيماريءَ ۾ مخصوص قسم جا جهٽڪا لڳندا آهن. هيءَ بيماري هڪ فرد کان ٻئين ڏانهن نہ ڦهلبي آهي.

## سبب

هن بيماريءَ جو سبب هڪ جيوڙو آهي جنهن جو نالو آهي ڪلاسٽريڊيم ٽيٽنائي clostridium tetani آهي. هي جيوڙا زمين تي مٽيءَ ۾ ابتدائي شڪل اسپورس spires جي صورت ۾ موجود هوندا آهن ۽ ڪنهن حادثي يا زخم وسيلي جسم ۾ داخل ٿي بيماريءَ جو سبب بڻبا آهن.

نون ڄاول ٻارن ۾ ناڙي ڪپڻ مهل يا ٻن جي زخم مان داخل ٿيندا آهن.

## علامتون

- ڳياڙي بند ٿي وڃڻ
- جهٽڪا لڳڻ

- جسم جو آڪڙجڻ
- ڳيت ڏيڻ ۾ مشڪل
- مٿي جو سور
- تيز بخار ۔ ٻرو تپ.
- پگهر
- رت جي دٻاءَ ۾ فرق
- دل جو ڌڙڪو

## پيچيدگيون

- ڳالهائڻ ۾ ڏکيائي laryngospasm
- هڏن جو ڀڃي پوڻ
- نمونيا
- ڦڦڙن ۾ رت ڄمي وڃڻ
- ساهه ۾ سوڙهه
- موت: هر ڏهن مريض مان هڪ کان ٻه مريض زندگي هارائي ويهندا آهن.

## تشخيص

عام طور صحت ڪارڪن مريض جي جسماني معاعني سان علامتن آڌار تشخيص ڪري وٺندا آهن.

## علاج

تشنج جي مريض جو صرف اسپتال ۾ داخل ڪري علاج ڪرڻ ممڪن آهي جنهن ۾ خاص دوائون استعمال ڪيون وينديون آهن ۽ مريض کي علامتن آڌر سهائتا مهيا ڪئي ويندي آهي. جنهن ۾ هٽرادو ساهه کڻائڻ جهڙي سهائتا بہ ممڪن آهي.

## بچاءُ

تشنج کان بچاءَ لاءِ پنهنجي ٻارن کي عوام جي ملڪيتي [سرڪاري] اسپتال مان بنا ڪنهن معاوضي جي ٻاراڻي عمر جا ٽڪا ضرور لڳرايو.

هر عورت کي عورتن لاءِ تجويز ڪيل ٽڪا ضرور لڳرايو.

## حوالو

https://www.cdc.gov/tetanus/index.html

## خناق

خناق diphtheria هڪ خطرناڪ وچڙندڙ بيماري آهي.



### سبب

**هن بيماريءَ جو سبب هڪ جيوڙو آهي جنهن جو نالو آهي ڪارني بيڪٽيتيم ڊپٿيري Cornyebacterium Diphtheriaeآهي. هي جيوڙا ساهه جي سرشتي ۾ وڌندا ويجهندا آهن ۽ بيماريءَ جو سبب بڻبا آهن.**

## ڦھلاءُ

خناق انتھائي شديد وچڙندڙ بيماري آھي جيڪا ڪنگھڻ سان ساھ وسيلي ھڪ فرد مان ٻين ڏانھن ڦھلبي آھي.

ھڪ بيمار ڪنگھھ ظاھر ٿيڻ کان ٻن ھفتن يا چوڏھن ڏينھن تائين بيماري ڦھلائڻ جو سبب بڻبو آھي. اھو مدو ترت علاج ڪرائي گھٽائي سگھجي ٿو.

## علامتون

ساھ جي خناق Respiratory Diphtheria

ھن بيماريءَ ۾ ساھ جي سرشتي ۾ جيوڙا گھر ڪري ھڪ قسم جو زھريلو مادو خارج ڪندا آھن جنھن سبب مريض ۾ ھيٺيون علامتون ظاھر ٿينديون آھن.

- ڪمزوري
- ڳلي ۾ خراش
- ڳلي جي سوڄ

- کنگهہ
- هلڪو بخار
- ڪنڌ جي ڳلتين ۾ سوڄ
- ساهہ ۾ تڪليف

جڏهن هڪ، ٻن ڏينهن ۾ زهريلو مادو ساهہ جي سرشتي ۾ موجود خلين کي مرده ڪري ڇڏيندو آهي تہ اتي هڪ قسم جو جهليءَ جهڙو تهہ نهي پوندو آهي جنهن کي 'سوڊو ميمبرين' چئبو آهي. جڏهن اها جهلي نڪ، ڪاڪڙي، ڪلين ۽ ڳلي ۾ تهہ ٺاهيندي آهي تہ مريض کي ساهہ کڻڻ ۽ ڳيت ڏيڻ ۾ تڪليف ٿيندي آهي.

جڏهن خناق جي جيوڙن پاران خارج ڪيل زهر جسم جي رتوبطن ۾ شامل ٿيندو آهي تہ تنتي سرشتي nerves، دل ۽ بڪين کي نقصان پهچائيندو آهي.

کل جو خناق Diphtheria Skin Infection

خناق جا جيوڙا جسم جي ٻاهرين کل تي زخم جو سبب بڻبا آهن جنهن کي کل جو خناق چيو ويندو آهي. اهي زخم يا چٽا کنڌ، ٻانهن، ڄنگهن تي ظاهر ٿيندا آهن.



## پيچيدگيون

ساهه جي خناق جون پيچيدگيون:

- ساهه ۾ تکليف
- ساهه جي نالي بند ٿيڻ
- دل جي مشڪن جي سوڄ myocarditis
- تنتي سرشتي ۾ خلل polyneuropathy
- فالج
- ٻڪين جو ڪم ڇڏي ڏيڻ

- موت: هر ڏهون مريض مڪمل علاج باوجود زندگي هاري ويھندو آهي.

## تشخيص

صحت ڪارڪن هيٺين حالتن ۾ خناق هجڻ جو شڪ ظاهر ڪندو آهي.

- خناق جون علامتون هجڻ
- ڳلي ۾ جهليءَ جو نظر اچڻ
- تشخيص جي صورت ۾
- پڪ ڪرڻ لاءِ مريض جي ڳلي مان نمونو گڏ ڪري ليباريٽريءَ مان پڪ ڪبي آهي.

## علاج

خناق جو مڪمل علاج موجود آهي.

ڪنهن بہ مستند معالج، خاص ڪري ٻارن جي ماهر ڊاڪٽر سان رابطو ڪرڻ گهرجي.

## بچاءُ

**خناق کان بچاءَ لاءِ پنهنجي ٻارن کي عوام جي ملڪيتي** [سرڪاري] اسپتال مان بنا **ڪنهن معاوضي** جي ٻاراڻي عمر جا ٽڪا ضرور لڳرايو.

## حوالو

https://www.cdc.gov/diphtheria/about/symptoms.html

# سلهه

سلهه Tuberculosis بنيادي طور هڪ ساهه جي وچڙندڙ بيماري آهي جيڪا هڪ فرد کان ٻئي ڏانهن ڦهلجي ٿي.

سلهه ڦڦڙن ۾ خاموش زخم ڪان ويندي شديد موتمار بيماري تائين ڏني وئي آهي.

ان کان علاوه سلهه ڦڦڙن مان رتوبطن ۾ شامل ٿي جسم جي مختلف حصن جهڙوڪر ٻڪين، هڏن، دماغ، ڪل وغيره ۾ پڻ ڏني وئي آهي.

سلهه جا، ٻاراٽا قسم 'ڦڦڙن ۾ ٻاجهريءَ جي داڻي. جهڙا زخم ' Milliary TB ۽ 'دماغ جي سلهه' TB Meningitis جيڪي موتمار قسم هوندا آهن. انهن کان بي سي جي BCG جو ٽڪو لڳرائي بچي سگهجي ٿو.

## سبب

**هن بيماريءَ جو سبب هڪ جيوڙو آهي جنهن جو نالو آهي مائڪوبيڪٽيريم ٽيوبرڪيولوسس** *Mycobacterium*

*tuberculos* آهي. هي جيوڙا ساهه جي سرشتي ۾ وڌندا ويجهندا آهن ۽ بيماريءَ جو سبب بڻبا آهن.

## ڦهلاءُ

سلهه هڪ انتهائي شديد وچڙندڙ بيماري آهي جيڪا ڳالهائڻ، ساهه کڻڻ، کنگهڻ سان ساهه وسيلي هڪ فرد مان ٻين ڏانهن ڦهلبي آهي.

هر بيمار فرد ۾ علامتون ظاهر ٿيڻ ضروري ڪونهن. اهي فرد جن ۾ علامتون ظاهر ناهن ٿينديون انهن جي بيماريءَ کي اڻ لڪي سلهه يا latent TB infection چئبو آهي، هي فرد ٻين ۾ بيماري ڦهلائڻ جو سبب ناهن بڻبا پر پاڻ بيمار ٿيڻ جي خطري هيٺ هوندا آهن.

جن ۾ علامتون ظاهر ٿينديون آهن ان کي سلهه جو روڳ چئبو آهي. هي فرد بيماري ڦهلائڻ جو سبب بڻبا آهن.

ياد رهي تہ هيٺيان عمل سلھ ڦهلائڻ جو سبب ڪونهن:

- هٿ ملائڻ.
- هڪ ڪني مان کائڻ.
- هنڌ ٿيڙ گڏ استعمال ڪرڻ.
- چمي ڏيڻ.

## علامتون

- جهيڻو بخار ـ 'ٽئونس'
- مريض جو نہ ساڳاهڻ. ڏٻرو هجڻ
- ڪمزوري. طاقت نہ پائڻ.
- سئي سان بخاريا ڏکٽي
- ننڊ ۾ پگهرجي وڃڻ.
- بک گهٽجي وڃڻ ـ اشتيا نہ ٿيڻ.

سلھ جون پيون علامتون جسم جي متاثر حصي تي منحصر هونديون آهن.

### ڦڦڙن جي سلهه

- ٽي يا ٽن هفتن کان وڌيڪ لڳاتار کنگهه.
- سيني ۾ سور
- کنگهڻ سان ڳڙ رت جو وات ۾ اچڻ.

## پيچيدگيون

- ڦڦڙن ۾ ٻاجهريءَ جي داڻي جهڙا زخم Milliary TB
- دماغ جي سلهه TB Meningitis
- ٻڪين جي سلهه
- هڏن جي سلهه
- کل جي سلهه
- موت

## تشخيص

بنيادي طور تشخيص جا ٻه طريقا آهن

١ . سلهه جي کل واري ٽيسٽ

٢ . بلغم جي مائڪرواسڪوپي

ان کان علاوه رت جون ٽيسٽون، ايڪسري وغيره ڪري مريض جي علاج جو فيصلو ڪيو ويندو آهي.

## علاج

سلھ جي هر قسم جو مڪمل علاج موجود آهي. ڪنهن بہ ويجهي صحت مرڪز تان علاج جي ڄاڻ حاصل ڪري، بنا ڪنهن معاوضي ادا ڪرڻ جي سڀ ٽيسٽون ۽ علاج حاصل ڪري سگهجي ٿو.

## بچاءُ

سلھ جو بچاءُ بيمار جو مڪمل علاج ڪيائڻ آهي. ان کان سواءِ هر ٻار کي بي سي جي جو ٽڪو تجويز ڪيل عمر ۾ لڳرائڻ گهرجي.

## حوالو

https://www.cdc.gov/tb/default.htm

## لاڪڙو

لاڪڙو chickenpox هڪ انتهائي وچڙندڙ بيماري آهي جنهن ۾ ڦلوڪڙن جهڙا داڻا مريض جي جسم تي نڪرندا آهن.

اهي داڻا پنيءَ تا شروع ٿي منهن، سيني ۽ پوءِ سڄي جسم تي ڦهلجي ويندا آهن.

### سبب

هن بيماريءَ جو سبب ويريسيلا زوسٽر varicella-zoster virus (VZV) نالي وائرس آهي.

### ڦهلاءُ

لاڪڙو هڪ فرد کان ٻئين فرد ڏانهن ساهه جي وسيلي منتقل ٿيندو آهي. ڦلوڪڙن مان وهندڙ رتوبطن وسيلي پڻ هيءَ بيماري ڦهلجندي آهي.

ڦلوڪڙن نڪرڻ کان ويندي سڪي وڃڻ تائين متاثر مريض، مرض ڦهلائڻ جو سبب بڻبو آهي.

## علامتون

- قلوڪٽڻ جهڙا داڻا جن ۾ شديد خارش ٿيندي آهي.
- بخار
- ٿَڪُ
- دل نہ لڳڻ ۔ بيقراري
- مٿي جو سور

## پيچيدگيون

لاڪڙو اڪثر صحتمند فردن ۾ ڪي خاص پيچيدگيون پيدا ڪونہ ڪندو آهي.

اڳي ڪان ڪنهن متعدي بيماريءَ جو شڪار فردن ۾ هينيون پيچيدگيون ڏنيون ويون آهن:

- داڻن ۾ ڦٽ ٿيڻ.
- ڦڦڙن ۾ زخم يا نمونيا.
- دماغ جي سوزش
- جسم ۾ پاڻياڻ جي ڪوٽ
- موت

## علاج

هن بيماريءَ جو ڪو علاج ڪونهي.

ٿڌي پاڻيءَ سان وهنجڻ ڦلوڪڻن جي خارش گهٽائڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو آهي.

مريض جا ننهن لاهڻ ضروري آهي نه ته پاڻ کي ڪنهي ڦٽ ڪري ڇڏيندو.

ڪڏهن به مريض کي 'اسپرو'، 'بروفين' يا 'سيفلواسپورن ـ اينٽيبايوٽڪ' نه ڏيڻ گهرجن.

## بچاءُ

چڪن پاڪس ويڪسين جون ٻه خوراڪون بهتر بچاءُ آهي.

نوٽ: هيءَ ويڪسين پاڪستان جي EPI پروگرام ۾ شامل ڪونهي.

## حوالو

https://www.cdc.gov › chickenpox

# چڪنگونيا

چڪنگونيا جي بيماري مڇر وسيلي ڦهلبي آهي. هن بيماريءَ ۾ بخار ۽ سنڌن جو سور خاص علامتون هونديون آهن.

## سبب

هن بيماريءَ جو سبب چڪنگونيا وائرس Chikungunya virus آهي

## ڦهلاءُ

هيءَ بيماري هڪ فرد کان ٻئين تائين مڇر وسيلي ڦهلبي آهي جڏهن مڇر ڪنهن بيمار کان رت وسيلي وائرس حاصل ڪري صحتمند فرد تائين پهچائيندو آهي.

هن بيماري ڦهلائڻ جو سبب خاص قسم جا ايڊس اجپٽي *Aedes aegypti* ۽ ايڊس البوپِڪٽس *Aedes albopictus* نالي وارا مڇر آهن. هي اهي ساڳيا مڇر آهن

جيڪي ڊينگي وائرس ڦهلائڻ جو پڻ سبب بڻبا آهن. هي مڇر ينيرڪي dawn ۽ سانجهيءَ dust مهل چڪ پائيندا آهن.

## علامتون

اڪثر بيمارن ۾

- بخار ۽
- سنڌن جي سورجي شڪايت هوندي آهي.

ڪنهن ڪنهن ۾ وري

- مٿي جو سور
- جسم جو سور
- سنڌن جي سوڄ ۽
- جسم تي داڻن جي شڪايت ٿيندي آهي.

## پيچيدگيون

هن بيماريءَ ۾ ڪي خاص پيچيدگيون نہ ٿينديون آهن.

## علاج

هن بيماريءَ جو ڪو بہ علاج ڪونهي.

مريض کي گهرجي تہ هيٺين ڳالهين تي عمل ڪري:

- پاڻي جام پيئي.
- آرام ڪري

وڌيڪ تڪليف جي صورت ۾ معالج سان مشورو ڪري.

ڪڏهن بہ مريض کي 'اسپرو'، 'بروفين' يا 'سيفلواسپورن ۔ اينٽيبايوٽڪ' واپرائڻ نہ گهرجن.

## بچاءُ

هن بيماريءَ جي ڪا بہ ويڪسين ڪونهي.

پنهنجي بچاءَ لاءِ مڇرن کان بچڻ جو بندوبست ڪرڻ گهرجي جنهن ۾

- ذاتي بچاءَ لاءِ مناسب پوشاڪ
- مڇر مار دوائن جو صحتمند استعمال

- مهاري يا مڇرداني جو استعمال
- گهر ۾ موجود پاڻيءَ کي ڍڪي رکڻ
- گهر، گهٽي، پاڙي يا ڳوٺ ۾ بيٺل پاڻيءَ جو مناسب نيڪال

## حوالو

https://www.cdc.gov › chikungunya

## ملي

ملي Mumps هڪ وچڙندڙ بيماري آهي جنهن ۾ ڳلن جي سوج ۽ بخار ٿيندو آهي.

### سبب

ملي Mumps جو سبب روبيولا وائرس rubulavirus خاندان جو پيرامڪسو وائرس paramyxovirus آهي.

### ڦهلاءُ

هي وائرس ساهه وسيلي يا مريض جي ڳِگَ وسيلي ڦهلبو آهي.

### علامتون

هن بيماريءَ جي خاص علامت ڳلي جي سوج آهي. جيڪا ڪن جي هيٺئين حصي ۾ موجود ڳِگَ saliva پيدا ڪندڙ ڳلٽين glands جي سوج سبب ٿيندي آهي. ان کان علاوه:

- بخار
- مٿي جو سور

- جسم ۾ ياچ
- ٿَڪُ
- بک نہ لڳڻ شامل آهن.

مريض گهڻو ڪري ٻن هفتن ۾ صحتياب ٿي ويندو آهي.

## پيچيدگيون

- ٻوڙو ٿيڻ
- ڪسين جي سوزش
- دماغ جي سوزش
- بيضي دانيءَ جي سوزش
- موت

## علاج

مليءَ جو ڪو بہ علاج ڪونهي.

## بچاءُ

مليءَ کان بچاءَ جي ويڪسين MMR نالي ميسر آهي، جيڪا پاڪستان جي EPI پروگرام ۾ شامل ڪونهي.

## حوالو

https://www.cdc.gov/mumps/index.html

# ڊينگي بخار

ڊينگي بخار جي بيماري مڇرن وسيلي ڦهلبي آهي. هن بيماريءَ ۾ بخار ۽ سنڌن جو سور خاص علامتون هونديون آهن.

## سبب

هن بيماريءَ جو سبب ڊينگي وائرس Dengue virus آهي

## ڦهلاءُ

هيءَ بيماري هڪ فرد کان ٻئين تائين مڇر وسيلي ڦهلبي آهي جڏهن مڇر ڪنهن بيمار کان رت وسيلي وائرس حاصل ڪري صحتمند فرد تائين پهچائيندو آهي.

هن بيماري ڦهلائڻ جو سبب ٻه خاص قسم جا ايڊس اجپٽي *Aedes aegypti* ۽ ايڊس البوپِڪٽس *Aedes albopictus* نالي وارا مڇر آهن. هي اهي ساڳيام مڇر آهن

جيڪي چڪنگونيا وائرس ڦهلائڻ جو پڻ سبب بڻبا آهن.

هي مڇر پنيرڪي dawn ۽ سانجهيءَ dust مهل چڪ پائيندا آهن.

هيءَ بيماري ڳورهاري ماءُ مان سندس پيٽ واري ٻار ۾ پڻ منتقل ٿيندي آهي.



## علامتون

اڪثر بيمارن ۾

- بخار
- اکين ۾ سور
- دل ڪچي ٿيڻ

- جسم ۾ سور
- هڏن جو سور
- جسم تي داڻا
- سنڌن جي سور



## پيچيدگيون

هن بيماريءَ ۾ هيٺيون پيچيدگيون ٿينديون آهن

- پيٽ ۾ شديد سور
- الٽيون
- مهارن مان رت وهڻ
- نڪهير
- ٿڪاوٽ، بيزاري، چڙ

## علاج

هن بيماريءَ جو ڪو بہ علاج ڪونهي.

مريض کي گهرجي تہ هيٺين ڳالهين تي عمل ڪري:

- پاڻي جام پيئي.
- آرام ڪري

وڌيڪ تڪليف جي صورت ۾ مستند معالج سان مشورو ڪري.

كڏهن به مريض كي 'اسپرو'، 'بروفين' يا 'سيفلواسپورن . اينٽيبايوٽڪ' واپرائڻ نه گهرجن.

## بچاءُ

هن بيماريءَ جي ويكسين موجود آهي جيڪا اجا پاڪستان جي سرڪاري EPI پروگرام ۾ شامل ڪونهي.

پنهنجي بچاءَ لاءِ مڇرن ڪان بچڻ جو بندوبست ڪرڻ گهرجي جنهن ۾

- ذاتي بچاءَ لاءِ مناسب پوشاڪ
- مڇر مار دوائن جو صحتمند استعمال
- مهاري يا مڇردانيءَ جو استعمال
- گهر ۾ موجود پاڻيءَ کي ڍڪي رکڻ
- گهر، گهٽي، پاڙي يا ڳوٺ ۾ بيٺل پاڻيءَ جو مناسب نيڪال.

## حوالو

https://www.cdc.gov/dengue/index.html

# مليريا

مليريا هڪ وچڙندڙ بيماري آهي جيڪا هڪ فرد کان ٻئين تائين گهٽو ڪري مڇر وسيلي ڦهلبي آهي.

## سبب

هن بيماريءَ جو سبب پلازموڊيم. plasmodium خاندان جا پنج موقعي پرست جيو parasites آهن جيڪي هڪ خاص مڇر اينافوليس anapheles جي ماديءَ وسيلي هڪ فرد کان ٻئين تائين ڦهلبا آهن.
سنڌ ۾ انهن جي فيلسيپيرم falciperum ۽ وائويڪس vivax قسمن جي ڪري مليريا جو بخار ٿيندو آهي.

## ڦهلاءُ

مليريا تڏهن ڦهلبي آهي جڏهن مڇر ڪنهن بيمار انسان مان رت وسيلي اها ٻين ڏانهن منتقل ڪندو آهي.

ياد رهي تہ بنيادي طور بيماري انسانن ۾ هوندي آهي.

## علامتون

- بخار
- سِيو
- ڏڪڻي

## پيچيدگيون

- جيئري جي سوزش
- رت جي ڳاڙهن جزن جي کوٽ
- دماغي مليريا
- نمونيا
- تِريءَ جي سوڄ
- موت

## علاج

مليريا جو مڪمل علاج موجود آهي.

ڪنهن بہ ويجهي سرڪاري صحت مرڪز يا ڳوٺ جي هيلٿ هائوس تان رهنمائي ۽ علاج

بنا ڪنهن معاوضي جي حاصل ڪري سگهجي ٿو.

## بچاءُ

مليريا جي ويڪسين موجود آهي جيڪا اجا پاڪستان جي سرڪاري EPI پروگرام ۾ شامل ڪونهي.

پنهنجي بچاءَ لاءِ مڇرن کان بچڻ جو بندوبست ڪرڻ گهرجي جنهن ۾

- ذاتي بچاءَ لاءِ مناسب پوشاڪ
- مڇر مار دوائن جو صحتمند استعمال
- مهاري يا مڇردانيءَ جو استعمال
- گهر ۾ موجود پاڻيءَ کي ڍڪي رکڻ
- گهر، گهٽي، پاڙي يا ڳوٺ ۾ بيٺل پاڻيءَ جو مناسب نيڪال.

## حوالو

https://www.who.int/news-room/fact-sheets/detail/malaria

# مدي جو بخار

مدي جو بخار Typhoid Fever هڪ بيماري آهي جيڪا جسم جي سرشتي ۾ سلمونيلا ٽائفي salmonella typhi نالي جيوڙي جي داخل ٿيڻ سبب ٿيندي آهي.

## سبب

هن بيماريءَ جو سبب سلمونيلا ٽائفي نالي هڪ جيوڙو آهي جيڪو کاڌ خوراڪ يا پاڻيءَ وسيلي هاضمي جي سرشتي مان رت ۾ شامل ٿي بيماريءَ جو سبب بڻجندو آهي.

## ڦهلاءُ

هن بيماريءَ جو ڦهلاءُ ڪاڪوس جي پاڻي يا کاڌي ۾ شامل ٿيڻ سان ٿيندو آهي.

جڏهن ڪو بيمار فرد ڪاڪوس ۾ هي جيوڙا خارج ڪندو آهي ته اهي ڪنهن سبب ڪاڌي يا پاڻيءَ سان ملي ڦهلاءَ جو سبب بڻبا آهن.

## علامتون

- بخار . تيز بخار بنيادي علامت هوندي آهي.
- ڪمزوري
- گجيءَ stomach ۾ سور
- مٿي جو سور
- دست يا قبض
- ڪنگهه
- بک نہ لڳڻ

## پيچيدگيون

- آنڊي ۾ زخم
- جيئري جي سوزش
- پيشاب رت اچڻ

## تشخيص

رت ۽ ڪاڪوس جي ليباريٽري تپاس ڪري سلمونيلا جي هجڻ جي پڪ ڪئي ويندي آهي.

## علاج

مدي هي بخار جو مڪمل علاج موجود آهي. ڪنهن بہ سرڪاري صحت مرڪز مان بنا ڪنهن معاوضي ادا ڪرڻ جي علاج، رهنمائي ۽ سهائتا حاصل ڪري سگهجي ٿي.

## بچاءُ

مدي جي بخار جي ويڪسين پاڪستان جي EPI پروگرام ۾ شامل آهي. پنهنجي ٻارن کي سيئي ويڪسين لڳرائي ڪين ٻارنهن خطرناڪ بيمارين کان بچايو.

پاڻي صاف سترو واپرايو. جيڪڏهن توهانجي علائقي ۾ مدي جو بخار عام آهي تہ بهتر ٿيندو تہ اوهان پاڻي اباري، ٺاري استعمال ڪريو.

خوراڪ ۾ استعمال ٿيندڙ ڀاڄيون ۽ ميوا چڱي طرح ڌوئي صاف ڪري استعمال ڪريو.

**پاروٽو ڪاڌو نہ کائو**

**گهر ۾ ڪاڌو گرم گرم واپرايو.**

**بازر جون رڏيل شيون استعمال نہ ڪريو**

## حوالو

https://www.cdc.gov/typhoid-fever/prevention.html

# ٻاراڻي عمر جا ٽڪا

هر ٻار جي زندگيءَ جا پهريان پندرهن مهينا،
ويجهي صحت مرڪز جا ڇهه عدد پنڌ ۾
ٻارنهن وچڙندڙ بيمارين کان تحفظ ۾ بچاءُ[1]

١ . پوليو Poliomyelis

٢ . تشنج . جهٽڪن جي بيماري Tetanus

٣ . ارڙي Measles

۴ . خناق Diphtheria

۵ . ڪرتيو . وڏي ڪنگهه

Pertussis (Whooping Cough)

۶ . هيپٽائيٽس . بي Hepatitis-B

٧ . هيموفيليس انفلوئنزا واري نمونيا

Hib Pneumonia

[1] EPI target disease

٨ . هيمو فيليس انفلوئنزا وارو گردن توڙ بخار Hib Meningitis

٩ . ٻارڙي ٽي بي Childhood Tuberculosis

١٠ . روٽا وائرس سبب پيدا ٿيندڙ دستن جي بيماري. Diarrhea

١١ . مدي جو بخار Typhoid Fever

١٢ . روبيلا Rubella

پنهنجي ٻارن کي زندگيءَ جي پهرين ڏيڍ سال ۾ کنهن بہ سرڪاري صحت مرڪز تان ٻارنهن بيمارين کان بچاءَ لاءِ ٽڪا ضرور لڳرايو .

١. پيدائش کانپوءِ جيترو جلدي ٿي سگهي .

پوليو جا ڦڙا OPV0

ٻارڙي ٽي بي BCG

هيپٽائيٽس . بي HVB

٢. ڇهن هفتن جي عمر ۾

- پوليو جا ڦڙا ـ ١ OPV1
- پينٽا ـ پهريون Penta1
- نيموڪوڪل ١. Pneumococcal 1
- روٽا وائرس ـ ١. Rota rix 1

٣. پهرين خوراڪ کان گهٽ ۾ گهٽ چئن هفتن ڪانپوءِ

پوليو جا ڦڙا ـ ٢ OPV2

پينٽا ـ ٻيون Penta2

نيموڪوڪل ـ ٢ Pneumococcal2

روٽا وائرس ـ ٢. Rota rix 2

٤ . ٻين خوراڪ کان گهٽ ۾ گهٽ چئن هفتن ڪانپوءِ

پوليو جا ڦڙا ـ ٣. OPV3

پينٽا ـ ٣. Penta3

نيموڪوڪل ـ ٣ Pneumococcal3

پوليو جي پهرين سئي IPV1

۵. نون (۹) مهينن جي عمر ۾

ميزل ۔ روبيلا ۔ ۱ MR1

مدي جي بخار جو ٽڪو TCV

پوليو جي ٻين سئي IPV2

۶. ارڙي جي پهرين ٽڪي کان گهٽ ۾ گهٽ
ڇهه مهينا پوءِ ميزل ۔ روبيلا ۔ ۲ MR2

نوٽ ۔

ٻن ٽڪن جي وچ ۾ گهٽ ۾ گهٽ وقفو چار
هفتا آهي. وڌ ۾ وڌ وقفي جو ڪٿي ڪوبہ
تعين ٿيل ڪونهي.

جيڪو ٽڪو هڪ دفعو لڳو اهو باقي
حياتيءَ تائين ڪارائتو رهندو.

ڪنهن بہ ٽڪي کي ورجائڻ ۾ ڪوبہ فائدو
ڪونهي

## عورتن لاءِ ٽڪا

**هر هڪ ٻار پيدا ڪرڻ لائق عمر جي عورتن لاءِ .**

**شادي ٿيل هجي يا ڪنواري هجي.**

**پهريون ٽڪو . TT1**

**چوڏهين سالگره کانپو جيترو جلدي ٿي سگهي**

**ٻيون ٽڪو . TT2**

**پهرين ٽڪي کان گهٽ ۾ گهٽ 4 هفتا پوءِ .**

**ٽيون ٽڪو . TT3**

**ٻئين ٽڪي کان گهٽ ۾ گهٽ 6 مهينا پوءِ .**

**چوٿون ٽڪو . TT4**

**ٽئين ٽڪي کان گهٽ ۾ گهٽ 12 مهينا پوءِ .**

**پنجون ٽڪو . TT5**

**چوٿين ٽڪي کان گهٽ ۾ گهٽ 12 مهينا پوءِ**

**نوٽ ۔**

**ٻن ٽڪن جي وچ ۾ گهٽ ۾ گهٽ وقفو چار هفتا آهي. وڌ ۾ وڌ وقفي جو ڪٿي ڪوبہ تعين ٿيل ڪونهي.**

**جيڪو ٽڪو هڪ دفعو لڳو اهو باقي حياتيءَ تائين ڪارائتو رهندو.**

**ڪنهن بہ ٽڪي ورجائڻ ۾ ڪوبہ فائدو ڪونهي**

.



مار پوئي 'مڇر'
بيماري 'انسانن' ۾
پر خطرناڪ 'مڇر'

مڇر بنيادي طور بيماري ۾ ورتل ناهي هوندو.

مليريا جو پيراسائيٽ انسان ۾ هوندو آهي. خوراڪ حاصل ڪرڻ دوران انسان مان مڇر جي جسم ۾ داخل ٿيندو آهي، اتي وڌندو ويجهندو آهي ۽ انهي ساڳئي خوراڪ حاصل ڪرڻ جي عمل دوران ٻين انسانن ڏانهن منتقل ٿيندو آهي

عبدالرحمٰن پيرزادو